
# آخري

# گھَڙِيُون

**09 July 2026**



(For Islamic Brothers)

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

9 جولاءِ 2026ع (بمطابق: 23 محرم شريف 1448ھ)

تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# آخري گهَڙِيُون

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿ ... چند نصيحت پريون آيتون
- ✿ ... بادشاهن جا عبرتناڪ جملا
- ✿ ... ابتدا اهڙي آهي ته انتها ڪهڙي هوندي؟
- ✿ ... جنت ۾ وڃڻ جو آسان نسخو

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامي)

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡمِ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: قيامت جي ڏينهن الله پاڪ جي عرش ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ سايو نہ هوندو، ٽي شخص الله پاڪ جي عرش جي ڇانوَ هيٺ هوندا: (1) اهو شخص جيڪو منهنجي امتي جي پريشاني (Stress) دور ڪري، (2) منهنجي سنت کي زنده ڪرڻ وارو، (3) مون تي ڪثرت سان درود شريف پڙهڻ وارو.(1)

عاصيو جُرم کی دوا ہے درود | کیا دوا عینِ کیمیا ہے درود

حشر کی تیرگی سیاہی میں | نور ہے، شمعِ پُر ضیا ہے درود

چھوڑیو مَت درود کو کافی | راہِ جنّت کا رہنما ہے درود (2)

صَلُّوۡا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الۡاَعۡمَالُ بِالنِّيَّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.(3)

اي عاشقانِ رسول! سٺين سٺين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي،

1… البدور السافرة، بابُ الاَعْمَال الْمُوجبَة لِظلِّ الْعَرش، صفحہ:95۔

2… کافی کی نعت، صفحہ:39 ملتقطاً۔

3… بخاری، کِتَاب بَدءِ الْوَحی، صفحہ:65، حدیث:1۔

اچو تہ بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون کري ونون ٿا. نيت ڪيو تہ ! ۞ الله جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ باادب ويهندس ۞ خوب توجهہ سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## چند نصيحت ڀريون آيتون

پيارا اسلامي ڀائرو! اڳيون قومون جن تي الله پاڪ جو عذاب نازل ٿيو، جيئن: ۞ قومِ عاد، انهن تي سخت طوفاني هوا جو عذاب آيو، 7 راتيون ۽ 8 ڏينهن تائين لڳاتار تيز انڌاري هلندي رهي، جنهن قومِ عاد جو نالو نشان ئي مٽائي ڇڏيو ۞ قومِ ثمود تي زلزلي ۽ خوفناڪ رَڙِ جو عذاب آيو ۞ قومِ لوط تي آسمان مان پٿر وَسِيا ۞ نمرود ۽ سندس قوم تي مڇرن جو عذاب آيو ۞ فرعون ۽ سندس قوم کي درياءَ ۾ غرق ڪيو ويو.[1] اِهي قومون، جن جو مون ذڪر ڪيو، ڏاڍيون نافرمان هيون، الله پاڪ جي اطاعت لاءِ ڪنهن بہ طرح راضي نہ ٿينديون هيون ۞ غرور ۽ تڪبر ۾ چونديون هيون:

مَنْ اَشَدُّ مِنَّا قُوَّةً ؕ

(سيپارو: 24، سورة حٰم السجدة: 15)

ترجمو ڪنزالعرفان: اسان کان وڌيڪ طاقتور ڪير آهي؟

۞ ڪو چوندو هو: هي تہ فقط فضول قصا ۽ ڪهاڻيون آهن ۞ ڪو انبياءِ ڪرام عَلَيْهِمُ السَّلَام جو مذاق اڏائيندو هو، نافرماني ڏيکاريندو هو. پر... جڏهن مٿن عذاب آيو، اُهي آخري گهڙيون جيڪي ڪين نصيب ٿيون، جن کان پوءِ سندن نالو نشان ئي مٽجي ويو، انهن آخري لمحن ۾ سندن حالت ڪهڙي

---

1...سيرت الانبياء، صفحه:224-596 ملتقطاً۔

هئي؟ ان جي باري ۾ سيپاري: **17**، سورة انبياء جون ڪجهه آيتون پڙهو: الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| فَلَمَّآ اَحَسُّوْا بَاْسَنَآ اِذَا هُمْ مِّنْهَا يَرْكُضُوْنَ ﴿۱۲﴾ (سيپارو: 17، سورة انبياء: 12) | ترجمو ڪنزالعرفان: پوءِ جڏهن انهن اسان جو عذاب ڏٺو تڏهن اهي ان کان ڀڄڻ لڳا. |

يعني جڏهن انهن محسوس ڪيو ته بس هاڻي عذاب پهچي ويو ۽ جڏهن عذاب جون نشانيون ڏٺائون ته اُهي پنهنجن وڏن وڏن سهڻن گهرن، محلن، باغن ۽ مال دولت جي ڍيرن، جن تي هو ناز ڪندا هئا، مان نڪري ڀڄڻ لڳا. تڏهن کين پڪاريو ويو:

| | |
|---|---|
| لَا تَرْكُضُوْا (سيپارو: 17، سورة انبياء: 13) | ترجمو ڪنزالعرفان: ڀڄو نه |

يعني ڪيڏانهن وڃي رهيا آهيو .....؟ ڇو ڀڄو ٿا؟

| | |
|---|---|
| لَا تَرْكُضُوْا وَ ارْجِعُوْۤا اِلٰى مَاۤ اُتْرِفْتُمْ فِيْهِ وَ مَسٰكِنِكُمْ لَعَلَّكُمْ تُسْــٴَـلُوْنَ ﴿۱۳﴾ (سيپارو: 17، سورة انبياء: 13) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ انهن آسائشن ڏانهن موٽي هلو جيڪي توهان کي ڏنيون ويون هيون ۽ پنهنجي جاين جي طرف (موٽي اچو) شايد توهان کان پڇاڻو ٿئي. |

واپس اچو! توهان جا گهر، توهان جو مال ۽ دولت، توهان جا باغ، توهان جا وڏا وڏا محل، توهان جون فوجون، توهان جون طاقتون، سڀ ڪجهه ته هتي آهي ته پوءِ هاڻي ڪيڏانهن ڀڄي رهيا آهيو؟ واپس موٽي اچو! هاڻي توهان

کان پڇاڻو ٿيندو.

افسوس! اُهي نافرمان، اهي بي ادب، اهي گستاخ، جيڪي انبياءِ ڪرام عليهمُ السَّلام جي بي ادبي ڪندا هئا، ايمان وارن جو مذاق اڏائيندا هئا، پنهنجي طاقت، پنهنجي دولت ۽ پنهنجي شهرت تي ناز ڪندا هئا، اڄ پنهنجن انهن ئي محلن مان پڇندي چئي رهيا هئا:

| | |
|---|---|
| يٰوَيْلَنَآ اِنَّا كُنَّا ظٰلِمِيْنَ﴿۱۴﴾<br>(سيپارو: 17، سورة انبياء: 14) | **ترجمو ڪنزالعرفان:** افسوس! اسان جي تباهي بيشڪ اسان ظالم هُئاسين |

هاءِ افسوس! اُهي جاڳيا بہ تہ ڏاڍو دير سان ...! ڪين پنهنجن گناهن، پنهنجين خطائن ۽ ظلم ۽ ستم واري عادت جو احساس تہ ٿيو، پر افسوس! هاڻي وقت ختم ٿي چڪو هو، هاڻي سندن جو اُهو اعتراف انهن جي ڪنهن ڪم نہ آيو، الله پاڪ فرمايو:

| | |
|---|---|
| فَمَا زَالَتْ تِّلْكَ دَعْوٰىهُمْ حَتّٰى جَعَلْنٰهُمْ حَصِيْدًا خٰمِدِيْنَ﴿۱۵﴾<br>(سيپارو: 17، سورة انبياء: 15) | **ترجمو ڪنزالعرفان:** پوءِ اهي ئي انهن جون رڙيون رهيون ايستائين جو اسان انهن کي لڻيل وساميل ڪري ڇڏيو. |

يعني اُهي ماڻهو لڳاتار پڪاريندا رهيا: هاءِ! اسان ظالم هئاسين، هاءِ! اسان پاڻ تي ظلم ڪيو، پر هاڻي تہ عذاب اچي چڪو هو، پوءِ مٿن عذاب نازل ٿيو ۽ ڪين نيست و نابود ڪيو ويو.

جو بھی مبتَلا ئے غرور تھے ، جنھیں زورِ بازو پہ ناز تھا
وہ جو سرکشی پہ ڈَٹے رہے ، کہاں اُن کا نام و نشاں گیا؟

نہ وہ عاد ہے نہ ثمود ہے ، کسے لوط والوں کی ہے خبر
کوئی آندھیوں نے اڑا دیئے ، کہیں زلزلوں میں ہوئے فنا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## افسوس! اُهي آخري گهَڙِيُون

پيارا اسلامي ڀائرو! غور ڪريو! اهي ڪهڙيون نہ قومون هيون...! خود الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمايو:

مَّكَّنّٰهُمْ فِي الْاَرْضِ مَا لَمْ نُمَكِّنْ لَّكُمْ
(سيپارو: 7، سورة انعام: 6)

ترجمو ڪنزالعرفان: انهن کي اسان زمين ۾ اها قوت ۽ طاقت عطا فرمائي هئي جيڪا توهان کي نہ ڏني

يعني انهن کي زمين تي اُها طاقت ڏني وئي هئي، جيڪا اسان کي نہ ڏني وئي ۞ اڄ اسان وٽ ٽيڪنالاجي آهي ۞ اسان وٽ سائنس آهي ۞ هڪ کان هڪ مشينون آهن ۞ هڪ کان هڪ اوزار موجود آهن. پر قرآن ڪريم فرمائي رهيو آهي تہ انهن قومن وٽ جيتوڻيڪ ٽيڪنالاجي نہ هئي، جيتوڻيڪ سائنسي ايجادون نہ هيون، پر زمين تي کين اهڙو غلبو ڏنو ويو هو، جيڪو اوهان کي نہ ڏنو ويو. انهن کي اهڙا هنر عطا ڪيا ويا هئا، جيڪي اوهان کي نہ ڏنا ويا. انهن کي اُهي اختيار، اُهي طاقتون ڏنيون ويون هيون، جيڪي اوهان کي نہ ڏنيون ويون.

توهان سوچيو! اُهي ڪهڙيون قومون هونديون، ڪيڏي نہ عيش ۽ عشرت سان ڀرپور انهن جي زندگي هوندي۞ فرعون ڪهڙي نہ شاهانہ زندگي گذاريندو هو ۞ نمرود ڪيڏو نہ رعب ۽ دبدبي وارو بادشاهہ هو ۞ شَدّاد، جنهن کي اهڙو خزانو ڏنو ويو، جنهن جو اڄ ڪو تصور بہ نہ ٿو ڪري سگهي

۞قارون کي ايترو خزانو ڏنو ويو، جيڪو اسان خواب ۾ به نه ڏسندا هونداسين. پر هاءِ ...!! انهن جا اُهي آخري لمحا...!! ڪيڏا نه دردناڪ لمحا هئا، ڪيڏي نه بيوسيءَ وارا اُهي لمحا هئا. عذاب انهن ڏانهن وڌي رهيو هو ۽ هُو ان کان بچڻ جون ڪوششون ڪري رهيا هئا. تقريبًا **51** ڪروڙ ڪلو ميٽر چورس زمين تي هڪ گِرانٽ جيتري جڳهه به ڪين نه ملي، جتي پناهه وٺي اُهي عذاب کان بچي سگهن. سموريون طاقتون، سمورا خزانا، سموريون فوجون، سڀ خادم، سڀ محل، سڀ ڪجهه اِتي جو اِتي رهجي ويو ۽ اڄ سندن نالو نشان به موجود نه آهي.

تُو خُوشی کے پھول لے گا کب تلک | تُو یہاں زندہ رہے گا کب تلک
دولتِ دنیا کے پیچھے تُو نہ جا | آخِرت میں مال کا ہے کام کیا؟
مالِ دنیا دو جہاں میں ہے وبال | کام آئے گا نہ پیشِ ذوالجلال

## اڄ اڪين وارا ماڻهو

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان اڄ نظر وارا ماڻهو آهيون، اسان شين کي پُورو نه ڏسندا آهيون. ڪيترائي اهڙا ماڻهو آهن جيڪي شاهانه زندگي جا خواب ڏسندا آهن ۞ ڪنهن جي گاڏي ۞ ڪنهن جو بنگلو ۞ هزارين روپين جا وڳا ۞ لکين روپين جي موبائل فون ۞ ڪروڙن جو بئنڪ بيلنس ۞ شاهانه پروٽوڪول ڏسي اسان رشڪ ڪندا آهيون، اندر ئي اندر ۾ پاڻ کي ۽ پنهنجي قسمت کي ملامت ڪندا آهيون، دل ئي دل ۾ چئي رهيا هوندا آهيون: ڪاش! مون کي ايڏي دولت هجي ها، ڪاش! مون وٽ به اهڙي گاڏي هجي ها، ڪاش! مان به محلن ۾ رهندو هجان ها..... پر افسوس! اسان آخري گهڙين کي نه ڏسندا آهيون. دنيا جا وڏا وڏا بادشاهه، جيڪي ظالم ۽ جابر هئا، غير مسلم ۽ گنهگار هئا، انهن جون آخري گهڙيون ڪيئن گذريون؟ سڄي عمر عيش ۽ عشرت ۾ گذارڻ کان پوءِ آخري وقت پنهنجي عيش عشرت جو نتيجو انهن ڪهڙو ڪڍيو؟ ان طرف اسان جي توجهه نه ٿي وڃي. جيڪڏهن

اسان انهن آخري گهڙين تي نظر رکڻ وارا بڻجي وڃون تہ اسان جون اڏ ڪان وڏيڪ حسرتون پنهنجو پاڻ ئي ختم ٿي وينديون.

## شڪر آهي اسان بچي وياسين

توهان ڏسو! قارون جنهن کي بيشمار خزانا ڏنا ويا هئا، جنهن جي خزانن جون رڳو چابيون ئي سوين اٺ کڻي هلندا هئا تہ پوءِ سوچيو ان جو خزانو ڪيترو وڏو هوندو! هڪ دفعو ان پنهنجو بهترين لباس پهريو، اڳيان پويان نوڪر چاڪر، خزاني سان پريل اٺ، وڏي شاهانہ پروٽوڪول سان شهر ۾ نڪتو. گهٽين مان گذري رهيو هو تہ جيڪي ڪم ظرف هئا، شين کي اڌوري نظر سان ڏسڻ وارا هئا، انهن جي وات ۾ پاڻي پرجي آيو، سندن دليون رشڪ ۽ حسرت مان بيقرار ٿي ويون، چوڻ لڳا: واهہ! واهہ!! ڇا تہ شان ۽ شوڪت آهي! ڪاش! اسان کي بہ اهڙا خزانا مليا هجن ها.

پر اڳين ئي ڏينهن جڏهن قارون پنهنجي غرور، تڪبر ۽ گناهن سبب پنهنجي خزاني سميت زمين جي اندر غرق ڪيو ويو، تڏهن انهن رشڪ ڪرڻ وارن، اڌوري اک سان ڏسڻ وارن ماڻهن جون اکيون پوري طرح کُلِي ويون، پوءِ چوڻ لڳا:

| ترجمو ڪنزالعرفان: جيڪڏهن الله اسان تي احسان نہ ڪري ها تہ اسان کي بہ غرق ڪري ڇڏي ها. | لَوْلَاۤ اَنْ مَّنَّ اللّٰهُ عَلَیْنَا لَخَسَفَ بِنَاؕ (سيپارو: 20، سورة قصص: 82) |
|---|---|

يعني الله جو وڏو ڪرم ٿيو...!! شڪر آهي جو اسان کي اهڙو خزانو نہ مليو، نہ تہ اسان بہ زمين ۾ غرق ٿي وڃون ها. (1)

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏسو! جڏهن انسان جون اکيون پوري طرح کُلِي وينديون

1---سيرت الانبياء، صفحہ:619-623 ملخصاً.

آهن، جڏهن **آخري گهڙين** تي بہ غور ٿي ويندو آهي، تڏهن حسرتون ئي بدلجي ويندیون آهن، زندگيءَ کي ڏسڻ جو نظريو ئي تبديل ٿي ويندو آهي.

## اسان ۾ نصيحت، هُنن ۾ عبرت آهي

بِشر بن مروان هڪ حڪمران هو. جڏهن سندس آخري وقت آيو تہ چوڻ لڳو: خدا جو قسم! منهنجي دل چاهي ٿي تہ ڪاش! مان هڪ حبشي غلام هجان ها، سڄي شهر ۾ سڀ کان خراب حالت منهنجي هجي ها، مان ٻڪريون چاريندو هجان ها، ڪاش! مان حڪمران نہ هجان ها.

جڏهن اها خبر حضرت شقيق بلخي رَحمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہ کي پئي تہ پاڻ فرمايائون:

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ الَّذِی جَعَلَهُمۡ یَفِرُّوۡنَ اِلَیۡنَا وَلَا نَفِرُّ اِلَیۡهِمۡ

ترجمو: الله پاڪ جو شڪر آهي، جو اِهي ماڻهو آخري وقت ۾ اسان جهڙو ٿيڻ جي خواهش ڪن ٿا، پر اسان ڪنهن بہ وقت انهن جهڙو ٿيڻ جي تمنا نہ ٿا ڪريون.

اِنَّهُمۡ لَیَرَوۡنَ فِیۡنَا عِبَرًا وَاِنَّا لَنَرٰی فِیۡهِمۡ غِیَرًا

ترجمو: بيشڪ اهي اسان مان عبرت ۽ نصيحت حاصل ڪن ٿا، جڏهن تہ اسان انهن جي حالت ڏسي دنيا جي بي ثباتي (بدلجندڙ دنيا جا بدلجندڙ رنگ) ڏسون ٿا.(1)

## قبرون سيني جون هڪ جهڙيون

پيارا اسلامي ڀائرو! هيءَ دنيا بي وفا آهي، جنهن کي ملندي آهي، ان کي بہ ڪائي ويندي آهي ۽ جنهن کي نہ ملندي آهي، ان کي پنهنجي طلب ۾ لڳائي ضايع ڪري ڇڏيندي آهي. سنو ۽ سمجهہ وارو اهو آهي، جيڪو هِن (دنيا) کان منهن موڙي الله پاڪ جي طرف هلي پوندو آهي. توهان ڏسو! هن دنيا جي حقيقت اسان کي قبرستان ۾ نظر ايندي آهي. اِها ڪيڏي نہ عبرتناڪ

1…موسوعہ ابن ابی الدنیا، کتاب المتمنین، جلد:2، صفحہ:541، رقم:31۔

ڳالهه آهي...!!حضرت مالڪ بن دينار رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه فرمائن ٿا: بِشر بن مروان، جيڪو حڪمران هو، ان جي وفات ٿي تہ ڪيس دفن ڪيو ويو. ڪجهہ ئي ڏينهن ڪان پوءِ اسود نالي هڪ شخص وفات ڪري ويو، ان جي قبر بِشر بن مروان جي قبر پرسان ناهي وئي. پاڻ فرمائن ٿا: ٿوري ئي عرصي ڪان پوءِ منهنجو انهن ٻنهي قبرن وٽان گذر ٿيو، ٻنهي ۾ ڪو فرق ڪو نہ هو، مان سڃاڻي نہ پئي سگهيس تہ بِشر جي قبر ڪهڙي آهي ۽ اسود جي قبر ڪهڙي آهي. ـ(1)

پيارا اسلامي ڀائرو! اِها آهي دنيا جي حقيقت...! توهان قبرستان وڃي پنهنجين اکين سان ڏسو! بلڪ اسان ڏسندا رهندا آهيون تہ اَرب پتي ڪي بہ انهيءَ ئي مٽيءَ ۾ دفن ڪيو ويندو آهي ۽ 2 ويلن جي ماني لاءِ سِڪندڙ ماڻهوءَ ڪي بہ انهيءَ ئي مٽيءَ ۾ دفن ڪيو ويندو آهي. اِها ئي حقيقت آهي.

## بادشاهن جا عبرتناڪ جملا

پيارا اسلامي ڀائرو! جن ڪي هيءَ دنيا ملي ۽ تمام گهڻي ملي، جن ڪي اختيار ڏنا ويا، جن جي اڳيان پنيان، هيٺان مٿان دنيا ئي دنيا هئي، سڄي زندگي هن دنيا اندر گذاري، آخرڪار هنن پنهنجي زندگيءَ جي تجربن مان ڪهڙو نتيجو ڪڍيو؟ اچو! تہ ان نتيجي تي ٿورو غور ڪريون.

خليفو عبدالملڪ بن مروان وڏي شان ۽ شوڪت وارو بادشاهہ هو. جڏهن سندس آخري وقت آيو تہ ڪنهن ڪانئس پڇيو: هن وقت توهان پاڻ ڪي ڪيئن محسوس ڪري رهيا آهيو؟ عبدالملڪ بن مروان وراڻيو: بلڪل ائين ئي محسوس ڪري رهيو آهيان، جيئن قرآن ڪريم فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| وَلَقَدۡ جِئۡتُمُوۡنَا فُرَادٰى كَمَا خَلَقۡنٰكُمۡ اَوَّلَ مَرَّةٍ وَّ تَرَكۡتُمۡ مَّا خَوَّلۡنٰكُمۡ وَرَآءَ | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ بيشڪ توهان اسان وٽ اڪيلا آيا جيئن اسان توهان ڪي پهريون ڀيرو |

1… موسوعہ ابن ابی الدنیا، کتاب المحتضرين، جلد:5، صفحہ:331، رقم:113۔

| | |
|---|---|
| ظُهُوْرِكُمْ ؕ (پارو: 7، سورة انعام: 94) | پيدا ڪيو هو ۽ توهان پنهنجي پنيان اهو سڀ مال ۽ متاع ڇڏي آيا جيڪو اسان توهان کي ڏنو هو. |

**هيءَ آيت پڙهندي ئي سندس دَم نڪري ويو.** (1) خليفو هارون الرشيد بہ وڏي رعب ۽ دبدبي وارو بادشاھ هو. جڏهن سندس موت جو وقت آيو تہ هُن پنهنجو ڪفن گهرايو ۽ ان کي اُٿلائي پُٿلائي بار بار ڏسڻ لڳو، پوءِ هيءَ آيت پڙهيائين: (2)

| | |
|---|---|
| مَآ اَغْنٰى عَنِّيْ مَالِيَهْ ۚ﴿۲۸﴾ هَلَكَ عَنِّيْ سُلْطٰنِيَهْ ۚ﴿۲۹﴾ (سيپارو: 29، سورة حاقہ: 28-29) | ترجمو ڪنزالعرفان: منهنجو مال منهنجي ڪنهن ڪم نہ آيو. منهنجو سڄو زور ويندو رهيو. |

خليفو مُعتَصِم ڏاڍو ظالم ۽ سخت دل بادشاھ هو. جڏهن سندس آخري وقت آيو تہ هُو پنهنجي بستري تي تڙپي رهيو هو ۽ بار بار چئي رهيو هو: لَوْعَلِمْتُ أَنَّ عُمْرِیْ هٰكَذَا قَصِيرٌ مَا فَعَلْتُ يعني: جيڪڏهن مون کي خبر هجي ها تہ منهنجي عمر ايتري ٿوري آهي تہ مان بادشاهي نہ ڪيان ها. (3)

| | |
|---|---|
| بے وفا دنیا پہ مت کر اِعتبار | تُو اچانک موت کا ہوگا شکار |
| موت آکر ہی رہے گی یاد رکھ! | جان جا کر ہی رہے گی یاد رکھ! |
| موت آئی پہلواں بھی چل دیئے | خوبصورت نوجواں بھی چل دیئے |
| تیری طاقت تیرا فن عُہدہ تِرا | کچھ نہ کام آئے گا سرمایہ ترا |
| گھپ اندھیری قبر میں جب جائے گا | بے عمل! بے انتِہا گھبرائے گا |

1…احياء العلوم الدين، ڪتاب ذڪر الموت و ما بعده، الباب الخامس، جلد:4، صفحہ:582۔

2…احياء العلوم الدين، ڪتاب ذڪر الموت و ما بعده، الباب الخامس، جلد:4، صفحہ:582۔

3… احياء العلوم والدين، ڪتاب ذڪر الموت وما بعده، باب فی ڪلام المحتضرين...الخ، جلد:4، صفحہ:582بتغير۔

قبر میں تیرا کفن پھٹ جائے گا | یاد رکھ نازُک بدن پھٹ جائے گا
کر لے توبہ ربّ کی رحمت ہے بڑی | قبر میں ورنہ سزا ہوگی کڑی( 1 )

پيارا اسلامي ڀائرو! هي نتيجو آهي ...!! دنيا جي طلبگارن دنيا حاصل ڪئي، ان ۾ رهيا، عيش عشرت ڪيائون، پر آخري وقت ۾ ان جو نتيجو ڪهڙو ڪڍيائون: ڪاش! اسان ائين نہ ڪيون ها، ڪاش! اسان کي دنيا نہ ملي ها، ڪاش! اسان حبشي غلام هجون ها، ٻڪريون چاريندا هجون ها.

هي آهي سندن زندگيءَ جو حاصل نتيجو. اسان بازار ويندا آهيون تہ ڇا خريد ڪندا آهيون: ڪنهن جي محنت جو نتيجو خريد ڪندا آهيون، مثال طور: منائيءَ جي دڪان تي وياسين منائي وٺي آياسين. ائين تہ نہ ٿيندو آهي نہ جو بازار مان ميدو، گيهہ ۽ کنڊ خريد ڪري آياسين ۽ هاڻي منائي ٺاهينداسين، ڪنهن محنت ڪئي، منائي تيار ڪئي، هاڻي ان محنت جو نتيجو جيڪو منائيءَ جي صورت ۾ ظاهر ٿيو آهي، اُهو اسان خريد ڪندا آهيون. تہ هنن دنيا ۾ گُم ماڻهن جي زندگي ڪيئن گذري، هِي انهن جا تجربا هئا ۽ انهن تجربن جو نتيجو ڪهڙو نڪتو؟ جيڪڏهن ان نتيجي ڏانهن نظر ڪنداسين تہ معلوم ٿيندو تہ هيءَ دنيا بي وفا آهي.

## دنيا جو مثال ڦاٽل ڪپڙي جهڙو آهي

آخري نبي، رسولِ هاشمي، صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مَثَلُ هٰذِهِ الدُّنْيَا مَثَلُ ثَوْبٍ شُقَّ مِنْ أَوَّلِهِ اِلٰى آخِرِهٖ يعني هن دنيا جو مثال هڪ اهڙي ڪپڙي جهڙو آهي، جيڪو شروع کان آخر تائين ڦاٽل آهي. فَبَقِيَ مُتَعَلِّقًا بِخَيْطٍ فِي آخِرِهٖ فَيُوشِكُ ذٰلِكَ الْخَيْطُ أَنْ يَنْقَطِعَ يعني اهو فقط آخر ۾ هڪ ڌاڳي سان اٽڪيل آهي ۽ قريب آهي تہ اُهو ڌاڳو بہ ٽٽي وڃي.(2)

1⋯ وسائلِ بخشش، صفحہ:711و 712 ملتقطاً۔

2⋯ موسوعہ ابن ابی دنیا، کتاب قصر الامل، جلد:3، صفحہ:332، حدیث:122۔

الله اڪبر! ڪيڏو نہ زبردست مثال آهي! هيءَ دنيا هڪ ڏاڪي تي بيٺل آهي. هڪ معمولي جهَٽڪو اِن ڏاڪي کي ٽوڙي ڇڏيندو ۽ اسان قبر جي اونداهين ۾ پهچي وينداسين. ڪنهن شاعر ڏاڍي خوبصورت عڪاسي ڪئي آهي تہ:

اِک یہ جہاں،اِک وہ جہاں،دونوں جہاں کے درمیاں

ہے فاصلہ اک سانس کا، گرآگئی تو یہ جہاں، گررُک گئی تووہ جہاں

هي صرف هڪ تَندُ ئي تہ آهي، مختصر تند، ڪمزور تند...!! ڪجهہ منٽ آڪسيجن نہ ملي تہ ساهہ ٻوساٽجڻ لڳندو آهي، ساهہ اٽڪي پوندو آهي، دَم گهُٽجڻ لڳندو آهي. بس هن ساهہَ جِي تَندُ جي ٽٽڻ جي دير آهي، ماڻهو دنيا مان موڪلائي ويندو آهي دنيا جي اها ئي حقيقت آهي.

## پنهنجا آخري لمحا، سنواري وٺو...!!

پيارا اسلامي ڀائرو! ڳالهہ امير يا غريب هجڻ جي نہ آهي. امير هجڻ ۾ بہ ڪا برائي نہ آهي ۽ غريب هجڻ تہ فضيلت جي ڳالهہ آهي، حديثن ۾ غريبن جون فضيلتون بيان ٿيون آهن. اصل ڳالهہ **آخري گهَڙين** جي آهي ❁افسوس! اُهو وقت، جنهن وقت هيءَ سڄي دنيا پنهنجي سموري حسن ۽ جمال سان گڏ اسان لاءِ هڪ ڪوڙي سڪي جي برابر بہ نہ رهندي ❁ جڏهن اسان جي اکين مان اسان جي بي وسي ظاهر ٿي رهي هوندي، گاڏي گيراج ۾ بيٺي آهي، پر اسان جي ڪنهن ڪم جي نہ رهندي ❁بئنڪ ۾ لکين رپيا پيا آهن، پر اسان جي ڪنهن ڪم جا نہ آهن ❁ پُٽَ، ڌيئرون، سامهون بيٺا آهن، رشتيدا موجود آهن❁ ڊاڪٽر پنهنجين سموري ڪوشش ۾ مصروف آهن، پر افسوس! هاڻي ڪير ڪجهہ بہ نہ ٿو ڪري سگهي ❁ اُن مَهل اسان جا پيارا، اسان جا ناز ڪڻڻ وارا بہ چئي رهيا هوندا آهن: سورة يٰس شريف پڙهو، ساهُ آسانيءَ سان نڪري ويندو.

❁افسوس! ملڪ الموت عَلَيۡهِ السَّلَام پهچي چڪا آهن❁ اکيون ڇت ۾ لڳل آهن ❁ ساهہ نِڙيءَ ۾ اٽڪيل آهي ❁ هڪ جهٽڪو آيو، آخري هِڏڪي آئي ❁ هڪ

ڏِسو ساھ ڪجيو ۽ ھيءَ سموري دنيا، تقريبًا **51** ڪروڙ ڪلو ميٽر چورس جي ھيءَ زمين، پنھنجين سمورين وسعتن باوجود اسان لاءِ تنگ ٿي وئي. پيارا اسلامي ڀائرو! اُھي آخري گھڙيون اسان جون ڪيئن گذرنديون؟ ان وقت اسان جا احساس ڪھڙا ھوندا؟ جذبا ڪھڙا ھوندا؟ ان وقت اسان جي دلين ۾ حسرتون ڪھڙيون ھونديون؟ انھن تي غور ڪرڻ گھرجي. (1)

## ابتدا اهڙي آهي تہ انتها ڪهڙي هوندي

ھڪ ڀيري امام حسن بصري رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه ھڪ مريض وٽِ تشريف کڻي ويا. ان وقت هُن تي سڪرات جي ڪيفيت طاري ھئي. امام حسن بصري رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه اھڙي حالت ڏسي فرمايو: جنھن معاملي جي ابتدا اھڙي ھجي، ان جي انتھا کان ڊڄڻ گھرجي ۽ جنھن جي انتھا اھڙي ھجي، ان جي ابتدا کان پاسو ڪرڻ گھرجي. (احياء العلوم)

## ۾ انتهائي اهم سَفَرَ

الله اڪبر! پيارا اسلامي ڀائرو! واقعي ڪيڏو نہ عبرتناڪ جملو آھي، ڪيڏي پياري نصيحت آھي. اسان 2 سفر طئي ڪندا آھيون، ھڪ سفر تہ اسان جو ھن وقت جاري آھي، اسان دنيا ۾ آھيون، زندگيءَ جا ساھ پورا ڪري رھيا آھيون، جلد ئي اسان جو ھي سفر ختم ٿي ويندو، پوءِ ھڪ ٻيو سفر شروع ٿيندو: آخرت جو سفر. امام حسن بصري رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه ٻڌائي رھيا آھن: اي انسانو! ڏسو، اھو سفر جيڪو توھان جي پيدائش کان شروع ٿيو ھو، دنيا ڏسڻ جو سفر، دنيا ۾ رھڻ جو سفر، ھتي گھر ناھڻ ۽ عيش عشرت ڪرڻ جو سفر، ھاءِ! اُن سفر جي انتھا ڪيڏي نہ عبرتناڪ آھي. افسوس! اُھي آخري گھڙيون، جڏھن وڏيون وڏيون ڳالھيون ڪرڻ وارو انسان، پنھنجو پاڻ تي ناز ڪرڻ وارو انسان، پنھنجين صلاحيتن جا جوھر ڏيکارڻ وارو انسان، پنھنجي بي وسيءَ جي انتھا تي ھوندو آھي. افسوس! اي انسانو! ڏسو، ھي توھان جي

1…احياء العلوم والدين، كتاب ذكر الموت وما بعده، الباب الخامس ، جلد:4، صفحه:584 بتغير۔

عيش ۽ عشرت جي انتها آهي، هي توهان جي زندگيءَ جي سفر جي انتها آهي ۽ افسوس! ڪيڏي نہ دردناڪ انتها آهي.

پوءِ غور ڪريو تہ! هي سڪرات جو وقت آهي، هتان کان آخرت جي سفر جي شروعات ٿي رهي آهي. هاءِ! جنهن سفر جي شروعات ايتري دردناڪ آهي! روح نڪرڻ جو هڪ جهٽڪو تلوار جي هزار ضَربُن کان بہ وڌيڪ تڪليف ڏيندڙ هوندو آهي. [1] روح جو بدن مان نڪرڻ ائين آهي، جيئن ڪنڊيدار ٿاري ڪپھ جي ڍير ۾ وجهي زور سان جهٽڪو ڏئي ٻاهر ڪڍي وجي. [2] الله! الله! غور ڪريو، جنهن سفر جي شروعات ئي ايتري دردناڪ آهي، ان سفر جي آخري منزل، يعني حشر جو ميدان، پوءِ وري پُلصراط تان گذرڻ، ڪيڏو نہ دردناڪ هوندو.

## اعتبار آخري گهڙين جو آهي

اسان توڙي هزارين سالن جي زندگي گذاريون، پر اسان جي سڄي زندگيءَ جو نچوڙ اسان جي **آخري گهڙين** ۾ هوندو. **حديث پاڪ** ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالْخَوَاتِيم يعني عملن جو دارومدار خاتمي تي آهي. [3]

مان ۽ توهان پنهنجي زندگيءَ جو آخري لمحو هن دنيا ۾ ڪيئن ٿا گذاريون، اُهو لمحو فيصلو ڪندو تہ اسان ڪامياب ٿياسين يا ناڪام رهياسين. پر افسوس! اسان کي خبر ناهي تہ اسان جو اُهو آخري لمحو ڪڏهن ايندو، ڪڏهن اسان هن دنيا مان رخصت ٿينداسين. تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان پنهنجي سموري زندگي ئي نيڪ اعمال ڪندي گذاريون.

---

1…حلية الاولياء، جلد:8، صفحہ:218، رقم:11934۔

2…موسوعہ ابن ابی دنيا، کتاب ذکر الموت، جلد:5، صفحہ:453، رقم:194۔

3…معجم کبير، جلد:3، صفحہ:492، حديث:5666۔

## ڏِچو...!! موٽڻ واري ڏينهن کان

سيپارو: **3**، سورهءِ بقرة، آيت: **281** ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَاتَّقُوْا يَوْمًا تُرْجَعُوْنَ فِيْهِ اِلَى اللّٰهِ ۗ<br>(سيپارو: 3، سورة بقرة: 281) | ترجمو كنزالعرفان: ۽ ان ڏينهن کان ڊڄو جنهن ۾ توهان الله جي طرف موٽايا ويندؤ. |

هڪ قول مطابق هن آيت سڀ کان آخري نازل ٿيندڙ آيت جو مطلب آهي: اي ايمان وارؤ! ڊڄو ان ڏينهن کان جنهن ڏينهن توهان هن دنيا کي ڇڏي آخرت جي سفر تي روانا ٿي ويندؤ. (1)

ہے یہاں سے تجھ کو جانا ایک دن — قبر میں ہو گا ٹھکانا ایک دن
منہ خدا کو ہے دِکھانا ایک دن — اب نہ غفلت میں گنوانا ایک دن
ایک دن مرنا ہے آخر موت ہے — کر لے جو کرنا ہے آخر موت ہے

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان کي گهرجي ته پنهنجين انهن **آخري گهَڙين** کي هميشہ پنهنجي نظر ۾ رکون.

## رڳو! 2 ئي صُورتون آهن

ڏسو! صرف ٻه ئي صورتون آهن، انهن مان هڪ اسان کي پنهنجي لاءِ چونڊڻي آهي. فيصلو اسان جو آهي. مان ٻئي منظر اوهان جي سامهون پيش ڪري رهيو آهيان.

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ کان روايت آهي ته سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: سڪرات جي وقت ماڻهو وٽِ فرشتا ايندا آهن. جيڪڏهن اهو شخص نيڪ هوندو آهي ته فرشتا چوندا آهن: اي پاڪ روح!

1⋯ تفسير قرطبی،پارہ:3، سورۂ بقرہ،زیرِ آیت :281،جلد:2، جز:3، صفحہ:419 ۔

نڪر...! تون پاڪ جسم ۾ رهين، هاڻي ساراهه جوڳو ٿي نڪر. تنهنجي لاءِ راحت، خوشي ۽ پاڪيزه رزق جي خوشخبري آهي ۽ اِها به ته تنهنجو رب توکان ناراض نه آهي. فرشتا ائين چوندا رهندا آهن، ايسيتائين جو روح جسم کان جدا ٿي ويندو آهي.[1] سُبۡحٰنَ الله! (معلوم ٿيو ته نيڪوڪار مؤمن جي روح کي ڇِڪي ڪڍڻ جي ضرورت نه پوندي آهي بلڪ هُو خوشخبريون ٻڌي پاڻ ئي جسم مان نڪري ايندو آهي[2]).

سرڪارِ عالي وقار، ٻنهي جهانن جي سردار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم وڏيڪ فرمايو: پوءِ اُن نيڪ ٻانهي جي روح کي آسمان ڏانهن کنيو ويندو آهي، اُن جي لاءِ آسمان جا دروازا کوليا ويندا آهن. آسمان جا ملائڪ پڇندا آهن: هي ڪير آهي؟ روح کڻي وڃڻ وارا فرشتا چوندا آهن: هي فلاڻو آهي. آسمان وارا فرشتا چوندا آهن: ڀلي ڪري آيو! پاڪ روح، جيڪو پاڪ جسم ۾ رهيو. اچ! تون ساراهه جوڳو آهين، تنهنجي لاءِ راحت، خوشي ۽ پاڪ رزق جي خوشخبري آهي ۽ هي ته تنهنجو رب توکان ناراض نه آهي. هر آسمان جا فرشتا ائين ئي چوندا رهندا آهن، تان جو اُهو روح الله پاڪ جي بارگاهه ۾ حاضر ڪيو ويندو آهي.[3]

الله پاڪ جي پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي بيان جو سلسلو جاري رکندي وڏيڪ فرمايو: ۽ جيڪڏهن انسان برو هوندو آهي ته فرشتا چوندا آهن: اي خبيث(ناپاڪ) روحَ، تون خبيث جسم ۾ رهين! نڪر! نڪر...! تون مذمت ۽ ملامت جو حقدار آهين. تنهنجي لاءِ ٿهڪندڙ پاڻي، پُونءِ ۽ ان جهڙن ٻين عذابن جي بشارت آهي. فرشتا ائين چوندا رهندا آهن، ايسيتائين جو روح جسم کان جدا ٿي ويندو آهي. پوءِ ان کي آسمان ڏانهن کنيو ويندو آهي، آسمان جي دروازن کي کڙڪايو ويندو آهي، آسمان وارا پڇندا آهن: هي ڪير آهي؟ فرشتا چوندا آهن: فلاڻو آهي. جنهن تي آسمان جا

---

1...ابن ماجہ، كتاب :الزہد،باب:ذكر الموت،صفحہ:690، حديث:4262۔

2...مرآۃ المناجيح، جلد:2، صفحہ:448۔

3...ابن ماجہ، كتاب :الزہد،باب:ذكر الموت،صفحہ:690، حديث:4262۔

فرشتا چوندا آهن: هِن جي لاءِ پليڪار نہ آهي. هي خبيث روح آهي، جيڪو خبيث جسم ۾ رهيو، ذليل ۽ ڌڪاريل ٿي واپس موٽي وڃ. تنهنجي لاءِ آسمان جا دروازا نہ کوليا ويندا، پوءِ ان کي آسمان تان هيٺ اڇلايو ويندو آهي، تان جو اُهو قبر (يعني مقامِ سِجّين جيڪو ستن زمينن جي هيٺان آهي) ۾ پهچي ويندو آهي. (1)

اِهي آهن 2 صورتون: هڪ، **آخري گھڙين** جي سٺي صورت آهي، جڏهن سڪرات طاري هوندي آهي، فرشتا خوشخبريون کڻي ايندا آهن، ماڻهوءَ جي چهري تي مرڪ پکڙجي ويندي آهي، هُو پنهنجي آخرت جي انعامن کي ڏسي خوش ٿيندو آهي ۽ خوشي خوشي هن دنيا مان رخصت ٿي ويندو آهي ۽ جيڪڏهن ماڻهو برو هوندو آهي، گنهگار هوندو آهي تہ ان جون **آخري گھڙيون** انتهائي سخت هونديون آهن. فرشتا عذاب ڏيکاريندا آهن، تمام زور سان ڇڪي روح ڪڍندا آهن، سڪرات جون سختيون طاري هونديون آهن ۽ ماڻهو حسرت ۽ غم ۾ ٻڏل آخرت ڏانهن روانو ٿي ويندو آهي.

پيارا اسلامي ڀائرو! حديث پاڪ جي روشنيءَ ۾ ٻئي رستا اسان جي سامهون آهن. هاڻي فيصلو اسان کي ڪرڻو آهي تہ اسان پنهنجون **آخري گھڙيون** ڪهڙي نموني گذارڻ چاهيون ٿا؟

## ڇڏي ڏيو...!، عيش ڪرڻ ڏيو...!!

هڪ ڀيري حضرت مالڪ بن دينار رَحمَۃُاللّٰہِعَلَیۡه هڪ نوجوان جي ڀرسان گذريا، ڏٺائون تہ اُهو گناهن ۾ مبتلا آهي. پاڻ ان کي نيڪيءَ جي دعوت ڏنائون ۽ فرمايائون: اي شخص! الله پاڪ کان ڊڄ! گناهہ نہ ڪر.

هن وڏي ڪڙڪي سان چيو: اي مالڪ! ڇڏي ڏيو، بس زندگي عيش سان گذارڻ ڏيو! پاڻ ان کي سندس حال تي ڇڏي ڏنائون. جڏهن ان شخص جو آخري وقت آيو تہ ماڻهن ڪيس ڪلمهءِ طيب پڙهڻ جي تلقين ڪئي تہ هن

1…ابن ماجہ، كتاب :الزہد،باب:ذكر الموت،صفحہ:690، حديث:4262۔

چيو: منهنجي مٿان هڪ فرشتو بيٺو آهي، جيڪو چئي رهيو آهي: تون زندگيءَ جا مزا وٺندو هئين، هاڻي اسان توکي پيهي ڇڏينداسين[1].

اللّٰهُ اَكْبَر!اسان وٽ به اهڙو ئي ماحول آهي. جڏهن ڪنهن کي نصيحت ڪئي ويندي آهي يا نيڪيءَ جي دعوت ڏني ويندي آهي ته ڪڏهن ڪڏهن جواب ملندو آهي: ڇڏيو، مولوي صاحب! چئن ڏينهن جي زندگي آهي، مزو وٺڻ ڏيو!

## آخري گهڙين جي تياري هاڻي کان ئي ڪريو!

پيارا اسلامي ڀائرو! هي مزا ڪرڻ جو وقت نه آهي، عيش ڪرڻ جو وقت نه آهي. هيءَ چئن ڏينهن جي زندگي ئي فيصلو ڪندي ته اسان جون آخري گهڙيون ڪيئن گذرنديون، ۽ آخري گهڙيون ئي فيصلو ڪنديون ته آخرت ۾ اسان ڪيئن اٿنداسين. امام غزالي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: انسان جو موت انهيءَ ئي حالت تي ٿيندو آهي، جنهن حالت تي هو زندگي گذاريندو آهي ۽ قيامت جي ڏينهن ڪيس انهيءَ ئي حالت ۾ اٿاريو ويندو، جنهن حالت ۾ ڪيس موت آيو هوندو.[2]

## الله پاڪ جنهن سان ڀلائيءَ جو ارادو فرمائي

حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو:

اِذَا اَرَادَ اللّٰهُ بِعَبْدٍ خَيْرًا اِسْتَعْمَلَهُ

ترجمو: الله پاڪ جڏهن پنهنجي ٻانهي سان ڀلائيءَ جو ارادو فرمائيندو آهي ته ان کي ڪم تي لڳائي ڇڏيندو آهي. عرض ڪيو ويو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ان کي ڪهڙي ڪم تي لڳائيندو آهي؟ فرمايائون:

---

1…موسوعه ابن ابی الدنیا، کتاب المحتضرین، جلد:5، صفحہ:369، رقم:283۔

2…احیاء العلوم (مترجم)، جلد:1، صفحہ:507۔

يُوَفِّقُهُ لِعَمَلٍ صَالِحٍ قَبْلَ الْمَوْتِ

ان کي موت کان اڳ نيڪ ڪمَ ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائيندو آهي.[1]

## جنت ۾ وڃڻ جو آسان نسخو

پيارا اسلامي ڀائرو!هڪ ڀيري پياري آقا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي فرمايو:

اَكُلُّكُمْ يُحِبُّ أَنْ يَدْخُلَ الْجَنَّةَ ؟

ڇا توهان سڀ جنت ۾ وڃڻ چاهيو ٿا؟

عرض ڪيائون: جي ها، يارسول الله صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم !اسان جنت ۾ وڃڻ چاهيون ٿا. فرمايائون: (تہ پوءِ هي صفتون اختيار ڪريو!)

قَصِّرُوا الْاَمَلَ، وَاَثْبِتُوا آجَالَكُمْ بَيْنَ اَبْصَارِكُمْ، وَاسْتَحْيُوا مِنَ اللهِ حَقَّ حَيَائِهِ

**(1):** پنهنجون اميدون گهٽ ڪريو (يعني تمام ڊگها ڊگها منصوبا نہ ناهيو)

**(2):** پنهنجي موت کي هميشہ نظرن جي سامهون رکو. **(3):** ۽ الله پاڪ کان اهڙي طرح حياءُ ڪندا رهو، جهڙو حياءُ ڪرڻ جو حق آهي.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ بڻجڻ، آخرت جي تياري ڪرڻ، موت کان بعد واري زندگي بهتر ڪرڻ ۽ **جنت جو حقدار بڻجڻ جا هي ٽي نسخا آهن:**

**پهريون نسخو:** پنهنجون اميدون گهٽ ڪري ڇڏيو. يعني تمام ڊگها ڊگها منصوبا نہ ناهيو. سياڻي ڇا ٿيندو؟ پَرينهَن ڇا ٿيندو؟ پوڙهائپ ڪيئن گذرندي؟ ٻارن جو ڇا ٿيندو؟ وغير وغيره. اِهي فڪر ڪرڻ ڇڏي ڏيو. اِنهن فڪرن ڪرڻ سان ڪجهہ نہ ٿيندو. ٿيندو اُهو ئي، جيڪو الله پاڪ چاهيندو. تنهنڪري پنهنجي اج کي بهتر ڪريو. حضرت **عون بن عبدالله** رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي **خدمت ۾ سوال ٿيو:** مؤمن ٻانهي جي لاءِ سڀ کان وڌيڪ فائدي وارو ڏينهن ڪهڙو هوندو آهي؟ فرمايائون: جنهن ڏينهن، ٻانهو الله پاڪ جي

1…ترمذی، کتاب القدر، باب ما جاء ان اللہ کتب …الخ، صفحہ:517، حديث:2142۔

2…موسوعہ ابن ابی الدنيا، کتاب قصر الامل، جلد:3، صفحہ:310، حديث:31۔

حضور حاضر ٿيندو ۽ چاڙهي وٺندو تہ اللہ پاڪ هُن کان راضي آهي. عرض ڪيو ويو: دنيا جي ڏينهن مان سڀ کان وڌيڪ فائدي وارو ڏينهن ڪهڙو آهي؟ فرمايائون: سڀ کان وڌيڪ فائديمند ڏينهن اُهو آهي، جنهن ڏينهن جي شام تائين پاڻهو زنده رهڻ جي اميد نہ رکي.(1)

**ٻيو نسخو:** محبوبِ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنتي ٻڌڻ جو ٻيو نسخو ڏنو، فرمايائون: پنهنجي موت کي هميشہ پنهنجي نظرن جي سامهون رکو.(2) هي بہ وڏو ڪمال جو نسخو آهي. اسان کي گهرجي تہ وقت بوقت موت کي ياد ڪندا رهون. ۞ حديث شريف ۾ آهي: جنهن کي موت جي ياد بيقرار رکي، اُهو پنهنجي قبر کي جنت جي باغن مان هڪ باغ ڏسندو.(3) ۞ حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ حضور نبي پاڪ، صاحبِ لولاڪ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: موت کي ڪثرت سان ياد ڪندا ڪريو، ڇاڪاڻ تہ اِهو گناهن کي مٽائي ڇڏيندو آهي ۽ دنيا کان بي رغبتي پيدا ڪندو آهي.(4) ۞ حضرت دقّاق رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪو موت کي گهڻو ياد ڪندو آهي، اُهو ٽن شين جي ذريعي عزت (*Respect*)حاصل ڪندو آهي **(1):** ان کي توبهہ جي جلد توفيق ملندي آهي **(2):** ان کي قناعت (*Contentment*)جي دولت ملي ويندي آهي ۽ **(3):** ان کي عبادت ۾ چستي نصيب ٿي ويندي آهي. **وڌيڪ فرمايائون:** ۽ جنهن موت کي وساري ڇڏيو، اهو **ٽن شين** ۾ گرفتار ڪيو ويندو. **(1):** توبهہ ۾ دير **(2):** ضرورت جيتري رزق تي راضي نہ رهڻ **(3):** عبادت ۾ سستي.(5)

تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان موت کي ياد رکون، وقت بوقت قبرستان

---

1…موسوعہ ابن ابی الدنیا، کتاب قصر الامل، جلد:3، صفحہ:324، حدیث:87۔

2…موسوعہ ابن ابی الدنیا، کتاب قصر الامل، جلد:3، صفحہ:310، حدیث:31۔

3…مسند الفردوس، جلد:1، صفحہ:357، حدیث:1441۔

4… التذکرہ للقرطبی،باب ذکر الموت و الاستعداد لہ، صفحہ:7۔

5… التذکرہ للقرطبی، باب ذکر الموت و الاستعداد لہ، صفحہ:9۔

ويندا رهون، اُتي قبرن جي حالتن تي غور ڪريون، اِهو سوچيون ته هڪ ڏينهن مون کي به هن ئي قبر ۾ لهڻو آهي. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! آهستي آهستي موت جي ياد دل ۾ ويهندي ويندي، جيڪڏهن اها سعادت ملي وئي ته پوءِ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! اسان جو ڪردار سنورجي ويندو.

**ٽيون نسخو:** پياري آقا، رسولِ خدا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جنتي بڻجڻ جو ٽيون نسخو ارشاد فرمايو: اللّٰه پاڪ کان اهڙو حياءُ ڪريو، جهڙو حياءُ ڪرڻ جو حق آهي. (1)

هيءَ به وڏي پياري نصيحت آهي. مثال طور: ۞ ڪو ماڻهو ڪوڙ ڳالهائي رهيو آهي ته ڇا هو چاهيندو ته سامهون واري کي سندس ڪوڙ جي خبر پئجي وڃي؟ هرگز نه چاهيندو، نه ته ڪيس شرمندگي ٿيندي ۞ ڪو شخص بدڪاري ۾ مبتلا ٿئي، ته ڇا هو چاهيندو ته ڪو ڪيس ڏسي وٺي؟ ۞ ڪو وياج جو ڪاروبار ڪرڻ وارو آهي، ته ڇا هو چاهيندو ته ماڻهن کي ان جي خبر پئجي وڃي؟ ۞ ماڻهو حرام ڪمن ۾ مشغول هجي، ته ڇا هو چاهيندو ته ڪو ڪيس ڏسي وٺي؟ نه چاهيندو، ڇو ته ڪيس شرمندگي ٿيندي، سندس نيڪ نامي تي داغ لڳندو ۽ ماڻهن جي اڳيان هُو رسوا ٿي ويندو. هي هڪ لحاظ کان ماڻهن کان حياءُ ڪرڻ آهي ته اسان ماڻهن جي سامهون برايون نه ڪندا آهيون، بس اِهو ئي تصور ذهن ۾ رکڻو آهي ته ڪو ڏسي يا نه ڏسي، اللّٰه پاڪ ته هر حال ۾ ڏسي رهيو آهي، تنهنڪري ان کان حياءُ ڪرڻو آهي ۽ ان جي سامهون سندس نافرماني ناهي ڪرڻي. اعليٰ حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| چُھپ کے لوگوں سے کیے جس کے گناہ | وہ خبردار ہے کیا ہونا ہے |
| کام زِنداں کے کیے اور ہمیں | شوقِ گلزار ہے کیا ہونا ہے (2) |

جڏهن اسان ماڻهن جي نافرماني نه ڪري رهيا آهيون، پر پوءِ به انهن جي سامهون گناهه ڪرڻ کان شرمائيندا آهيون، ته پوءِ جنهن جي نافرماني ڪري

1…موسوعہ ابن ابی الدنیا، کتاب قصر الامل، جلد:3، صفحہ:310، حدیث:31۔

2…حدائقِ بخشش، صفحہ:167 ملتقطًا۔

رهيا آهيون، ان کان چو نہ ٿا شرمايون؟ هُو تہ هر لڪيل ۽ ظاهر کي ڄاڻڻ وارو آهي، دلين جي حالتن کان بہ واقف آهي، تنهنڪري گهرجي تہ ان ربِّ ڪريم کان شرمايون.

## هڪ خوبصورت نصيحت

ان حوالي سان پياري آقا، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هڪ تمام پياري نصيحت پڙهو. فرمايائون: وَاسْتَحِ اللهَ اِسْتِحْيَاءَ رَجُلٍ ذِی هَيْبَةٍ مِنْ أَهْلِكَ يعني الله پاڪ کان اهڙي طرح حياءُ ڪريو، جيئن پنهنجي خاندان جي ڪنهن رعبدار شخص کان حياءُ ڪندا آهيو. (1)

ائين ٿيندو آهي نہ جو ماڻهو غلط ڪم ڪري رهيو هجي ۽ اوچتو مٿان والد صاحب اچي وڃن يا مسجد جا امام صاحب اچي وڃن، تہ ماڻهو يڪدم پاڻ کي لڪائڻ لڳندو آهي، غلط ڪم جلدي ۾ ڇڏي ڏيندو آهي. مثال طور: موبائل تي ڪا گندي شيءِ ڏسي رهيا هيؤ، مٿان والد صاحب اچي ويا تہ ماڻهو جلدي ۾ موبائل بند ڪري ڇڏيندو آهي، ان کي هيڏانهن هوڏانهن لڪائڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. هي سندس حياءُ آهي. فرمايائون: جيترو حياءُ انهن ماڻهن کان ڪندا آهيو، گهٽ ۾ گهٽ ايترو ئي حياءُ الله پاڪ کان بہ ڪندا ڪريو....!!

ڪاش! اسان کي بہ اهڙو خوبصورت حياءُ نصيب ٿي وڃي، اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دنيا سان گڏ آخرت بہ سنورجي ويندي.

الله پاڪ اسان کي سموري زندگي، خاص طور زندگيءَ جون آخري گهڙيون، سٺيون ۽ نيڪين پريون گذارڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

1…مسند بزار، جلد:7، صفحہ:89، حديث:2642۔

# رشڪ جي قابل موت

پيارا اسلامي ڀائرو! پنهنجي دنيا ۽ آخرت سنوارڻ، نيڪ نمازي بڻجڻ ۽ الله پاڪ جي فضل و ڪرم سان قابلِ رشڪ موت ماڻڻ جي عَزْم (ارادي) سان گڏ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو! اَلْحَمْدُلِله! دعوتِ اسلامي وارن عاشقانِ رسول جا ڪيئي واقعا آهن ته ڪين قابلِ رشڪ موت نصيب ٿي ۞ڪيترن ئي عاشقانِ رسول جون قبرون سالن ڪان پوءِ کليون ته اتي خوشبوئون مهڪي رهيون هيون۞ هڪ قاري صاحب سجدي جي حالت ۾ دنيا مان لاڏاڻو ڪري ويو ۞ ڪيترا ئي اهڙا آهن جن کي آخري وقت ڪلمو نصيب ٿيو ۞ هڪ اسلامي ڀاءُ کي دل جو دورو (هارٽ اٽيڪ) پيو، هسپتال ۾ داخل ٿيا، ان حالت ۾ به لڳاتار ڪلمي طيبه جو ورد ڪندا رهيا، آخري وقت وڏي آواز سان 12 ڀيرا درود شريف پڙهيو، 12 ڀيرا ڪلمي طيبه جو ورد ڪيو ۽ دنيا مان رخصت ٿي ويا ۞ ائين ئي مفتيِ دعوتِ اسلامي مفتي فاروق عطاري رَحْمَةُاللّٰهِعَلَيْه جي قبر برساتن جي ڪري کلي پئي، شرعي رهنمائي وٺي قبر جي اندر جو مَنْظَر ڏٺو ويو ته اَلْحَمْدُلِله! مفتي صاحب جو ڪفن، ايستائين جو مٿي مبارڪ تي ٻڌل عِمَامو شريف به بالڪل صحيح سلامت هيو.

تِرا شکر مولا دیا دینی ماحول | نہ چھوٹے کبھی بھی خدا دینی ماحول
قیامت تلک یاالٰہی! سلامت | رہے تیرے عطّار کا دینی ماحول [1]

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان به عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿي وڃو! ڪهڙي خبر ته اسان تي به ڪرم ٿي وڃي ۽ اسان کي به قابلِ رشڪ موت نصيب ٿي وڃي.

خُدایا بُرے خاتمے سے بچانا | پڑھوں کلمہ جب نکلے دَم یاالٰہی! [2]

1…وسائلِ بخشش، صفحه:674-648 ملتقطاً.

2…وسائلِ بخشش، صفحه:110.

# دعوتِ اسلامي جي شعبي مدرسة المدينہ بالغان جو تعارف

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰہ! دعوت اسلامي علم دين جو نُور ڦهلائڻ ۾ مختلف ذريعن سان علمِ دين جو فيضان عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي. انهن ئي ذريعن مان هڪ ذريعو **مدرسة المدينہ بالغان** بہ آهي.

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي شعبي **مدرسة المدينہ بالغان** جي ذريعي قرآن ڪريم سکڻ جو بهترين موقعو فراهم ڪري رهي آهي، هي شعبو روزانو جي بنياد تي ۞ مسجدن ۞ مارڪيٽن ۞ اسڪولن ۞ ڪاليجن ۾ بين **هزارين جاين** تي وڏي عمر جي لکين **اسلامي ڀائرن ۽ اسلامي ڀينرن** کي قرآن ڪريم جي تعليم ڏئي رهيو آهي. هن شعبي جي ذريعي ۞ درست تجويد ۽ قرات سان قرآن ڪريم پڙهڻ سيکاريو ويندو آهي ۞ فرض علمَ بہ سيکاريا ويندا آهن ۞ سنتون ۽ آداب بہ سيکاريا ويندا آهن ۞ ترجمو ۽ تفسير ٻڌڻ جو بہ موقعو ملندو آهي ۞ مختلف دعائون سيکاريون وينديون آهن ۞ درس ۽ بيان جو طريقو ۞ ۽ مسائل سيکارڻ سان گڏوگڏ خوفِ خدا ۽ عشقِ رسول جو پيڪر بڻائڻ جي ڪوشش بہ ڪئي ويندي آهي.

توهان بہ مدرسة المدينہ بالغان ۾ داخلا وٺي ڇڏيو. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون ڀلايون نصيب ٿينديون. توهان کي ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو، جيئن تہ:

## نماز جو پابند بڻجي ويو

هڪ اسلامي ڀاءُ جو چوڻ آهي تہ ديني ماحول سان وابستہ ٿيڻ کان اڳ، بيڪار دوستن سان گهمڻ ۽ فضول ڪمن ۾ وقت وڃائڻ منهنجو معمول هو. هڪ ڏينهن هڪ اسلامي ڀاءُ سان منهنجي ملاقات ٿي. سلام ۽ مصافحي کان پوءِ

گفتگو جي دوران ئي هنن مون کي مدرسة المدينہ بالغان ۾ شرڪت جي دعوت پيش ڪئي پڻ ان جا فائدا بہ ٻڌايا. مون ها ڪري ڇڏي ۽ مدرسة المدينہ بالغان ۾ شرڪت ڪرڻ لڳس. اَلْحَمْدُلِلّٰه! ان جي برڪت سان ديني ماحول سان وابستہ ٿي نماز جو پابند ٿِجي ويس. پر اڃان تائين پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري سنت، عمامي شريف ٻڌڻ جو ذهن نہ ٺهيو هو. آخرڪار هڪ اسلامي ڀاءُ جي سمجهائڻ تي مون عمامو شريف بہ سجائي ورتو، عمامو شريف سجائڻ تي سڄي گهر ۾ ڪو بہ منهنجي حوصلا افزائي ڪرڻ وارو نہ هو. هڪ رات سفيد لباس پهريل عمامي سجايل بزرگ جي خواب ۾ زيارت ٿي. مان نہ پيو سڃاڻان تہ هي ڪير آهن. خواب ۾ ئي ڪنهن ٻڌايو تہ هي اميرِ اهلِ سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه آهن، پاڻ پنهنجن مبارڪ هٿن سان منهنجي مٿي تي عمامو سجايائون. اَلْحَمْدُلِلّٰه! ان ڪان پوءِ منهنجي دل ۾ پير و مرشد جي محبت اڃان وڌيڪ وَڌِي وئي. ديني ماحول جي برڪت سان اَلْحَمْدُلِلّٰه دعوتِ اسلامي جي ديني ڪمن ذريعي دينِ اسلام جي خدمت ڪرڻ ۾ مصروف آهيان.

يہاں سنّتيں سيکھنے کو مليں گی دِلائے گا خوفِ خدا دينی ماحول
تُو آ بے نمازی، ہے ديتا نمازی خدا کے کرم سے بنا دينی ماحول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نيڪ اعمال موبائل ايپليڪيشن

پيارا اسلامي ڀائرو! نيڪ ٻڻجڻ ۽ نيڪ عملن ۾ واڌاري لاءِ دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊپارٽمينٽ هڪ موبائل ايپليڪيشن **نيڪ اعمال** *(Naik Amal)* جي نالي سان جاري ڪئي آهي. هي ايپليڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪري ڇڏيو. هن ايپليڪيشن ۾: اسلامي ڀائرن، اسلامي ڀينرن ۽ شاگردن لاءِ الڳ الڳ رسالا موجود آهن ۞ هن ايپليڪيشن کي 6 مختلف زبانن ۞ انگريزي ۞ اردو ۞ هندي ۞ بنگالي ۞ گجراتي ۽ ۞ سنڌي ۾ استعمال ڪري سگهجي ٿو

۞ هِن ۾ مختلف نيڪ اعمال تي مشتمل سوال ڏنا ويا آهن ۞ هر سوال جي هيٺان 30 خانا آهن ۞ روزانو پنهنجي مرضيءَ جو ڪو به وقت مقرر ڪري پنهنجن عملن جو جائزو وٺو ۽ ان مطابق زندگي گذاريو. اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان جي برڪت سان گناهن کان بچڻ ۽ نيڪيون ڪرڻ جو ذهن بڻجندو، دل جي پاڪيزگي حاصل ٿيندي ۽ ڪردار سڌرو ۽ خوبصورت ٿي ويندو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪجھ ضروري اعلانات

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪجھ ضروري اعلانات ٻڌي وٺو! ۞ هر ڇنڇر تي امير اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، ايندڙ ڇنڇر تي به مدني چينل تي عشاء جي نماز کان پوءِ تقريباً 9 لڳي 45 منٽن تي اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ امير اهلسنت، مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جواب به عنايت فرمائيندا. سيئي ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ به شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي به ان جي دعوت ڏين. ۞ شيخِ طريقت، اميرِ اهلِ سنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن. ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالي احياءُ العلوم مان 38 مدني گُلَ (قسط:1) جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ به پڙهو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا جهڙوڪ واٽس ايپ وغيره استعمال ڪندا آهن، اُهي رضاءِ الٰهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان هي رسالو ٻين سان به شيئر(*Share*) ڪن. ۞ مڪتبة المدينہ الحاد ۽ دهريت جي رَدَ تي مشتمل، دلين ۾ الله پاڪ جي محبت ۽ عظمت وڌائڻ جي لاءِ هڪ تمام پيارو ڪتاب ربّ جي عظمت جي نالي سان شايع ڪيو آهي. هي ڪتاب مڪتبة المدينہ جي ڪنهن به شاخ تان 750 روپين ۾

حاصل ڪريو.

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏانهن آڻيندي سنت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شهنشاهِ نبوت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِیْ فَقَدْ اَحَبَّنِیْ وَمَنْ اَحَبَّنِیْ کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّۃِ يعني جنهن منهنجي سنت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنهن مون سان محبت ڪئي اُهو جنت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## اهلِ خانہ (گهَرَ وارن) تي خرچ ڪرڻ سنتِ مصطفيٰ آهي

**2 فرامينِ مصطفيٰ** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: **(1):** قيامت جي ڏينهن ميزانِ عمل تي سڀ کان پهريان ٻانهي جو پنهنجي گهر وارن تي خرچ ڪيل مال رکيو ويندو. (2)
**(2):** جيڪو ثواب جي نيت سان پنهنجي اهلِ خانہ تي خرچ ڪندو آهي تہ اُهو ان جي لاءِ صدقو آهي. (3)

اي عاشقانِ رسول! اهلِ خانہ تي خرچ ڪرڻ سنتِ مصطفيٰ آهي ۞ پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي گهر وارن تي خرچ فرمائيندا هئا ۞ حديث پاڪ جي مطابق هجرت کان پوءِ هڪ وقت اهڙو بہ آيو، جو رسولِ اڪرم، نور مجسم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجن گهر وارن لاءِ سڄي سال جو اناج گڏ ڪرڻ فرمائيندا هئا. (4)

هن حديث پاڪ جي تحت مشهور مفسرِ قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جيڪا شرح بيان ڪئي آهي ان جو خلاصو هي آهي تہ سرڪارِ عالي وقار، مکي مدني تاجدار صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو سڄي سال جي لاءِ اناج جمع ڪرڻ، بنو

---

1…مشكوٰة،كتابُ:الْاِيمان،بابُ:الْاِعْتِصَام، جلد:1، صفحه:55، حديث:175۔
2…معجم الاوسط،جلد:4، صفحه: 329، حديث: 6135۔
3…مسلم،كتا ب :الزكاة، صفحه:502، حديث:1002۔
4… احياء العلوم، كتاب: توحيد، جلد: 4، صفحه:343۔

نضير جو قلعو فتح ٿيڻ کان پوءِ جي ڳالهه آهي. هي به ياد رهي ته حضور، جانِ
ڪائنات صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيتوڻيڪ سڄي سال جو اناج جمع ڪري ڇڏيندا هئا، پر
ازواجِ پاڪ تمام گهڻو صدقو ۽ خيرات ڪنديون هيون، جنهن سبب اهو اناج جلد
ئي ختم ٿي ويندو هو ۽ ڪڏهن ڪڏهن ڳالهه فاقن تائين پهچي ويندي هئي. (1)

بھوکے رہتے تھے خود اوروں کو کھلا دیتے تھے | کیسے صابِر تھے مُحَمَّد کے گھرانے والے

رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو سڄي سال جي لاءِ اناج گڏ ڪرڻ
ان ڪري هو ته جيئن اِهو عمل امت جي حق ۾ سنت بڻجي وڃي، نه ته پاڻ
صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا گهر وارا ڪمزور دل جا نه هئا (بلڪ اُهي ته الله پاڪ تي مڪمل
ڀروسو رکڻ وارا هئا). (2)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

مختلف سنتون سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جي شايع ٿيل ڪتاب **بهار
شريعت** جلد: 3 مان حصو 16 ۽ شيخ طريقت، امير اهل سنت **مولانا الياس
قادري** دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن تي مشتمل رسالو **550 سنتون ۽ آداب**
خريد فرمايو ۽ پڙهو. سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي
قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر ڪرڻ به آهي.

اُلفتِ مصطفےٰ اور خوفِ خدا | چاہیے گر تمہیں قافلے میں چلو
گر مدینے کا غم چاہیے چَشمِ نَم | لینے یہ نعمتیں قافلے میں چلو (3)

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

---

1…مرآةُ المناجيح، جلد:5، صفحه:949.
2…احياء العلوم، ڪتاب: توحيد، جلد: 4، صفحه:343.
3…وسائل بخشش، صفحه:669.

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو ته جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينهصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمجي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت به ايستائين هو ڏسندو ته سرڪار مدينهصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللهُ عَنْهُکان روايت آهي ته تاجدارِ مدينهصَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو ته بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهه معاف ڪيا ويندا.[2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

---

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

2... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو ھي دُرُود شريف پڙھندو آھي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آھن.[1]

## ﴿4﴾ ڇھ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَافِیْ عِلْمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰہِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ ڪِن بُزرگن ڪان نقل ڪن ٿا ھن دُرُود شريف کي ھڪ ڀيرو پڙھڻ سان ڇھ لک دُرُودشريف پڙھڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آھي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفٰي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰی لَہٗ

ھڪ ڏينھن ھڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کيس پنھنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ جي وچ ۾ ويھاريو، انھيءَ تي صَحابہَ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اھڙي مرتبي وارو شخص ڪير آھي جڏھن اھو ھليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ھو جڏھن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙھندو آھي تہ ھيئن پڙھندو آھي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْہُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ یَوْمَ الْقِیَامَۃِ

1… القول البديع، الباب الثانی، ص277

2… افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاۃ الثانية والخمسون، ص149

3… القول البديع، الباب الاول، ص3125

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[1]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي ته سرڪارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[2]

## ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[3]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!    صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31
2... مجمع الزوائد،کتاب الادعية،باب فی کيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305
3... ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455